No. 25

پلڊاٽ

قانونسازي متعلق خلاصو

دسمبر 2015

# شاهدن جي تحفظ وارو ايڪٽ 2013

## موجوده صورتحال

سنڌ وٽنيس پراٽيڪشن ايڪٽ يا سنڌ ۾ شاهدن جي تحفظ وارو ايڪٽ 2013 جي منظوري 8 سيپٽيمبر 2013 تي صوبائي اسيمبلي پاران ڏني ويئي ته جيئن فوجداري ڪيسن ۾ شاهدن کي مڪمل تحفظ فراهم ڪري سگهجي. ٻه سال گذرڻ باوجود هي انتهائي اهم قانون مناسب عملدرآمد جي انتظار ۾ آهي. قانون کي لاڳو ڪرڻ بعد رڳو هڪ ڀيرو ائين ٿيو ته آڪٽوبر 2014 ۾ پوليس کاتي، سنڌسرڪار کي ان قانون تي عمل درآمد لاءِ شاهدن جي تحفظ جو يونٽ قائم ڪرڻ جي باقاعدي درخواست ڪئي. ان جي جواب ۾ سنڌسرڪار، سي آءِ ڊي جي ايڊيشنل انسپيڪٽر جنرل ۽ وٽنيس پراٽيڪشن ايڊوائيزري بورڊ جي سيڪريٽري کي هدايت جاري ڪئي ته اهو ان ڏس ۾ گڏجاڻي گهرائي.

## خلاصي بابت

هن خلاصي جو مقصد قانونسازن ۽ ميڊيا کي شاهدن جي تحفظ بابت موجود ڄاڻ ڏيڻ، مقصد ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن جي پس منظر متعلق سهائتا فراهم ڪري سگهجي. ان جو هڪ ٻيو مقصد اهو به آهي ته جيئن صوبائي ۽ وفاقي حڪومتون شاهدن جي تحفظ لاءِ گهربل نظام جوڙي ان تي عمل درآمد کي يقني بنائي سگهن.

## مڃتا ۽ پڌرائي

هي خلاصو هائيڪورٽ جي سينيئر وڪيل **عائشہ حامد** پاران تحرير ڪيو ويو آهي ۽ ان تي نظرثاني لاءِ سينيئر وڪيل ۽ پاڪستان بارڪائونسل جي وائيس چيئرمين اعظم نزيرتارڙ جون خدمتون حاصل ڪيون ويون آهن. پلڊاٽ پاران ان خلاصي کي "پوليس سڌارن، پراسيڪيوشن سروسز ۽ قانوني سهائتا واري پروگرام" تحت شائع ڪرايو ويو آهي. جنهن لاءِ پلڊاٽ کي Enhanced Democratic Accountability and Civic Engagement (EDACE) واري پراجيڪٽ تحت(DAI) Development Alternatives Inc. پاران مالي سهائتا فراهم ڪئي ويئي آهي. هن پيپر ۾ اظهار ڪيل راءِ مڪمل طور تي ليکڪ پاران پيش ڪيل آهي ۽ اهو ضروري ناهي ته سندس پاران پيش ڪيل تجزئي ۽ موقف کي ڊي اي آءِ (DAI) جي تائيد حاصل هجي.

PILDAT
Pakistan Institute of Legislative Development And Transparency

## جهلڪيون

1. سنڌ وٽنيس پراٽيڪشن ايڪٽ 2013 جو مقصد شاهدن کي تحفظ فراهم ڪرڻ آهي جيئن هو سنڌ جي فوجداري ڪيسن جي ڪارروائين ۾ پيش ٿي انصاف جي فراهمي ۾ عدالت جي سهائتا ڪري سگهن.
2. شاهد جو مطلب اهڙو شخص آهي جنهن سنجيده نوعيت جي ڏوهہ جي عدالتي ڪيس ۾ شاهدي ڏيئي چڪو آهي يا ڏيڻ تي راضپو ظاهر ڪيو آهي يا پوءِ ڏيڻ جي گهرج آهي.
3. خطري هيٺ آيل شاهد جو معني اهڙو شخص جيڪو سنجيده نوعيت جي ڏوهہ جي عدالتي ڪيس ۾ شاهدي ڏيئي چڪو آهي يا ڏيڻ تي راضپو ظاهر ڪيو آهي يا پوءِ ڏيڻ جي گهرج آهي ۽ سندس ۽ سندس ڪٽنب جي حياتي ۽ مال يا جائيداد، اثاثن وغيره کي خطرو آهي.
4. شاهدن جي تحفظ واري يونٽ جي قيام جو مقصد شاهدن جي تحفظ واري پروگرام تي عمل درآمد ڪرڻ آهي ته جيئن ان قانون هيٺ نامزد ڪيل شاهد يا شاهدن کي سهولت فراهم ڪندي سندن تحفظ ڪري سگهجي.
5. ان قانون تحت سنڌ سرڪار وِٽنيس پراٽيڪشن ايڊوائيزري بورڊ (صلاحڪاري بورڊ) جوڙيندي جيڪو شاهدن جي تحفظ بابت پاليسي جوڙيندو ۽ يونٽ جي انتظامي معاملن جي نگراني ڪندو.
6. ان پروگرام تحت شاهد کي هيٺ ڏنل سهولتون فراهم ڪري سگهجن ٿيون.
   I. شاهد کي پنهنجي نئين شناخت بنائڻ جي اجازت هوندي
   II. ڪيس هلڻ دوران شاهد کي اجازت هوندي ته هو پنهنجي شناخت کي لڪائي سگهي.
   III. شاهد کي اجازت هوندي ته هو پنهنجي شاهدي ڪنهن محفوظ هنڌان ويڊيوڪانفرنس ذريعي ڏيئي سگهي.
   IV. شاهد جي محفوظ هنڌ تي منتقلي
   V. شاهد کي رهائش جي سهولت فراهم ڪرڻ
   VI. شاهد کي ٽرانسپورٽ جي سهولت فراهم ڪرڻ
   VII. شاهد کي گذرسفر لاءِ مالي سهائتا فراهم ڪرڻ
   VIII. شاهدن جي تحفظ واري پروگرام هيٺ قرار ڏنل شاهد جي مارجي وڃڻ جي صورت ۾ سندس وارثن کي معاوضو ڏيڻ.
   IX. شاهد کي هڪ مناسب مدي تائين سيڪيورٽي جي سهولت فراهم ڪرڻ
   X. شاهد پاران مطالبو ڪرڻ جي صورت ۾ سندس ڪٽنب کي مٿي ڏنل سهولتون ۽ تحفظ فراهم ڪرڻ
7. شاهدن جي تحفظ واري يونٽ کي سي آءِ ڊي جي ايڊيشنل انسپيڪٽر جنرل پوليس (اي آءِ جي پي) جي سربراهي ۾ جوڙيو ويندو، جنهن کي چيف وٽنيش پراٽيڪشن آفيسر (سي ڊبليو پي او) چيو ويندو.
8. سي ڊبليو پي او، گهرو کاتي جي نمائندي، اي آءِ جي پي اسپيشل برانچ، ڊي آءِ جي هيڊڪوارٽر، لاڳاپيل ڊي آءِ جي تي ٻڌل ڪميٽي جي سفارش بعد ڪنهن به شاهد کي پروگرام ۾ شامل ڪري سگهندو.
9. سي ڊبليو پي او، خطري هيٺ آيل شاهد کي پروگرام ۾ شامل ڪرڻ کان اڳ ساڻس لکت ۾ معاهدو ڪندو.
10. شاهدن جي تحفظ وارو يونٽ عدالت کي شاهد کي نئين شناخت جاري ڪرڻ ۽ سندس ڪٽنب ۾ نئين ٻار جي جنم، فوتگي يا شادي وغيره جا تفصيل وارا دستاويز جاري ڪرڻ جي درخواست پڻ ڪري سگهندو.
11. عدالت جيڪڏهن مطمئن آهي ته شاهد پاران شاهدي ڏيڻ سان سندس حياتي کي خطرو آهي ته اها به سندس تحفظ جو حڪم جاري ڪري سگهندي. اهڙي صورت ۾ ڪيسن جي ڪارروائي بندڪمري ۾ هلائي ويندي ۽ سمورو عدالتي ريڪارڊ سيل يا ڳجهو رکيو ويندو.
12. سي ڊبليو پي او کي هيٺ ڏنل سبب ڄاڻائي شاهد سان ڪيل معاهدي کي رد ڪرڻ يا عليحده ڪرڻ جو اختيار هوندو.
   I. جيڪڏهن هن پروگرام هيٺ قرار ڏنل شاهد ڄاڻي واڻي ڪيل معاهدي جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو يا
   II. ڄاڻي واڻي ڀٽڪائيندڙ ڄاڻ کي پيش ڪري ٿو
   III. شاهد جو پنهنجو رويو ٻين شاهدن جي تحفظ لاءِ خطرو بنجي وڃي ٿو
13. شاهد جي باري ۾ ڄاڻ ۽ مقام کي وائکو يا پڌرو ڪرڻ هڪ ڏوهہ تصور ڪيل آهي.

# شاهدن جي تحفظ وارو ايڪٽ 2013

**ايگزيڪيٽو سمري**

سنڌ وٽنيس پراٽيڪشن ايڪٽ يا سنڌ ۾ شاهدن جي تحفظ وارو ايڪٽ 2013، 8 سيپٽيمبر 2013 تي صوبائي اسيمبلي پاران منظور ڪيو ويو پر اهو اجا تائين عمل درآمد جي انتظار ۾ آهي.

پاڪستان ۾ وڌندڙ دهشتگردي ۽ منظم ڏوهن سبب اهو ضروري ٿي پيو آهي ته ڪيسن ۾ نامزد شاهدن جي تحفظ کي يقيني بنايو وڃي. مثال طور پنجاب ۾ رڳو 2014 دوران 247827 اڪلايل ڪيسن مان 30642 ڪيسن ۾ فوجداري ضابطي جي شق 249 تحت ملزمن جي بريت رڳو انهي ڪري ٿي ويئي ته شاهد سندن خلاف بيهي نہ سگهيا يا ڦِري ويا. سنڌ ۾ لڳ ڀڳ ساڳي صورتحال مشاهدو ڪيئي ويئي. انهي گهرج کي سامهون رکندي شاهدن جي تحفظ وارو پروگرام جوڙيندي پاڪستان ۾ پهريون پيرو سنڌ پاران 2013 ۾ قانونسازي ڪئي ويئي پر ان تي عمل درآمد جي شديد کوٽ سامهون آئي آهي.

ان قانون ۾ بيان ڪيو ويو آهي ته اها هر شهري جي ذميواري آهي ته اهو ضرورت پوڻ تي فوجداري انصاف واري سرشتي ذريعي شاهدي ريڪارڊ ڪرائي. جڏهن تہ رياست جي ذميواري آهي تہ هو دٻاءُ هيٺ آيل شاهدن ۽ سندن گهرڀاتين کي ملندڙ ڌمڪين ۽ خوف خطرن کان تحفظ فراهم ڪري ۽ سندس جان ۽ مال جي حفاظت ڪري.

**ايڪٽ 2013 جو تجزيو**

**شاهد**

قانون جي شق 2(n) شاهد جي وصف کي بيان ڪري ٿو جنهن موجب شاهد اهو شخص آهي جنهن سنجيده نوعيت جي ڏوهہ جي عدالتي ڪيس ۾ شاهدي ڏيئي چڪو آهي يا ڏيڻ تي راضپو ظاهر ڪيو آهي يا پوءِ ڏيڻ جي گهرج آهي. ان وصف تحت اهڙي شاهد کي تحفظ فراهم ڪرڻ جي ضرورت آهي. قانون جي شق 2 (n)(iv) موجب ڪنهن ٻئي سبب ڪري بہ شاهد کي تحفظ فراهم ڪري سگهجي ٿو. ٻين ملڪن جي شاهدن جي تحفظ واري قانون ۾ عدالتي ڪيسن جي حوالي سان خطري هيٺ آيل ججن، پراسيڪيوٽرز، پوليس توڙي صحافين کي تحفظ فراهم ڪيو ويندو آهي. جڏهن تہ اسان سيني کي ڄاڻ آهي تہ نوس ثبوت ۽ شاهدي ڇا هوندي آهي. سنڌ ۾ ججن، پراسيڪيوٽرز، پوليس يا پوءِ صحافين جي مارجي وڃڻ واريون خبرون روز اچن ٿيون. سنڌ ۾ صحافي ولي بابر ڪيس جي شاهدن جي مارجي وڃڻ وارا واقعا ڏکوئيندڙ زميني حقيقت کي نروار ڪن ٿيا.

حساس، اعلي سطحي دهشتگردي ۽ انتهائي منظم ڏوهن جي ڪيسن جي پيش نظر شاهدن جي تحفظ واري قانون جي شق 2 (n)(iv) شاهد جي وصف کي ججن، پراسيڪيوٽرز، پوليس اهلڪارن ۽ صحافين تائين بہ لاڳو ڪرڻ جي ضرورت آهي.

**ايڪٽ 2013 تي عمل درآمد**

شاهدن کي نئين شناخت ڏيڻ يا سندن محفوظ جاين تي منتقلي پاڪستاني تناظر ۾ هيٺ ڏنل سببن ڪري ڪارائتيون نظر نٿيون اچن.

I. شاهدن ۽ سندن ڪٽنب کي نئين شناخت سميت محفوظ جاين تي منتقل ڪرڻ، رهائش جو بندوبست ڪرڻ، روزگار فراهم ڪرڻ يا گذرسفر لاءِ خرچ پڪو ڏيڻ تي تمام گهڻو خرچ اچي ٿو.

II. ڄاڻ تہ پوليس ۾ بدعنواني گهڻي آهي تنهن ڪري اهي پوليس اهلڪار يا آفيسر جيڪي شاهدن جي تحفظ واري پروگرام جو انتظام هلائين پيا انهن تي بہ ڪرپشن ۽ شاهدن کي خطري ۾ وجهڻ جا الزام لڳن ٿا.

III. اسان جي سماج ۾ شاهدن جا ڪٽنب وڏا هجڻ ڪري انهن کي سندن مٽن مائٽن ۽ ملندڙن کان گهڻو وقت پري نٿو رکي سگهجي ۽ نہ ئي وري انهن کي نامعلوم يا محفوظ مقام تي گهڻي وقت تائين رکي سگهجي ٿو. اهڙي عمل سان شاهدن جي تحفظ واري پروگرام ۽ عدالتي معاملن کي ڳجهو رکڻ مشڪل بنجي وڃي ٿو. مثال طور، جيڪڏهن ڪنهن شاهد کي نئين شناخت ڏني بہ وڃي ٿي تہ سندس قانوني وراثت وارن معاملن جو ڇا ٿيندو؟ ڇا رياست شاهد جي اهڙي ڪنهن بہ نقصان خاص طور تي جائيداد يا اثاثن مان محرومي جي صورت ۾ ٿيل نقصان جو معاوضو ڀري ڏيندي؟ شاهد ڪهڙي حد تائين اهڙي معاوضي جي اميد ڪري سگهي ٿو؟

**بجيٽ**

شاهدن جي تحفظ واري قانون جي منظوري بعد سنڌسرڪار پاران شاهدن جي تحفظ لاءِ قائم ڪيل يونٽ لاءِ ڪا بہ بجيٽ نہ رکي ويئي آهي. قانون جي شق 5 (c)(3) تحت شاهدن جي تحفظ واري يونٽ لاءِ صلاحڪاري بورڊ کي بجيٽ تخمينا منظور ڪرڻ جو اختيار مليل آهي. شق تحت سنڌ سرڪار جي گهرو کاتي جي ماتحت شاهدن جي تحفظ وارو يونٽ قائم ڪيو ويندو. تنهن ڪري اهو اخذ ڪري سگهجي ٿو تہ يونٽ جي بجيٽ گهرو کاتي جي بجيٽ ۾ شامل هوندي. گهرو کاتي جي ايڊيشنل چيف سيڪريٽري کي اي

# شاهدن جي تحفظ وارو ايڪٽ 2013

آءِ جي پي فنانس پاران هڪ خط[1] لکي درخواست ڪئي ويئي آهي تہ ”سنڌ حڪومت کي درخواست ڪئي وڃي تہ اها سنڌ پوليس ۾ شاهدن جي تحفظ واري يونٽ کي قائم ڪرڻ لاءِ 10 ڪروڙ روپين جي بجيٽ کي مختص ڪرڻ جي منظوري ڏي.“ هتي اهو ٻڌائڻ ضروري آهي تہ اهو قانون صوبائي اسيمبلي پاران 8 سيپٽيمبر 2013 تي منظور ڪيو ويو هو ۽ جنهن جي توثيق ڪندي سنڌ جي گورنر پاران ان کي 30 آڪٽوبر 2013 تي لاڳو ڪيو ويو پر ان جي بجيٽ جي منظوري لاءِ سنڌ حڪومت کي هڪ سال ڪانپوءِ درخواست ڪئي ويئي. ظاهر آهي تہ بجيٽ ڪانسواءِ شاهدن جي تحفظ وارو پروگرام شروع نہ پئي ٿي سگهيو.

سنڌ حڪومت جي گهرو کاتي اي آءِ جي پي فنانس جي خط جي جواب ۾ لکيو تہ [2] ڪنهن بہ بجيٽ جي جاري ٿيڻ کان اڳ شاهدن جي تحفظ واري صلاحڪاري بورڊ کي قائم ڪرڻ ضروري آهي ۽ ان لاءِ سي آءِ ڊي پوليس جي اي آءِ جي کي هدايت ڪجي ٿي تہ ڄاڻايل بورڊ جو اجلاس ڪوٺرائي تہ جيئن شاهدن جي تحفظ وارو يونٽ قائم ڪري سگهجي. انهي ڪانپوءِ بہ آڪٽوبر 2013 ۾ شاهدن وارو قانون لاڳو ٿيڻ باوجود سنڌ سرڪار شاهدن جي تحفظ وارو يونٽ جوڙڻ لاءِ صلاحڪاري بورڊ جو اجلاس گهرائڻ ۾ ناڪام رهي آهي. اڄ تائين ان مقصد لاءِ ڪا بہ بجيٽ بہ مختص يا منظور ناهي ڪئي ويئي. ان مان ثابت ٿئي ٿو تہ سنڌسرڪار ان پروگرام کي لاڳو ڪرڻ ۾ سنجيده ئي ناهي. قانون تي عملد رآمد نہ هجڻ سبب ان تي تنقيد يا رٿون ڏيڻ وارو عمل رڳو هڪ تعليمي بحث بنجي ويئي آهي.

**قاعدا ۽ ضابطا**

قانون جي شق 29 حڪومت کي اهو اختيار بہ ڏيئي ٿي تہ ان قانون جي عمل درآمد لاءِ رولز (قاعدا) جوڙي پر اڄ تائين سرڪار گهربل قاعدا جوڙڻ ۾ بہ ناڪام ويئي آهي. ڪنهن بہ قانون کي جوڙڻ مهل مقنن (صوبائي اسيمبلي) وسيع رهنمائي فراهم ڪندي آهي جڏهن تہ قاعدا ۽ ضابطا جوڙڻ جو ڪم انتظاميہ ذريعي سرڪار تي ڇڏيو ويندو آهي. قاعدن جي غيرموجودگي ۾ شاهدن جي تحفظ واري قانون تي عمل درآمد ممڪن ناهي. مثال طور ايڪٽ جي شق (b) 12 موجب شاهدن جي تحفظ واري يونٽ جو هڪ بنيادي ڪم اهو هوندو تہ اهو شاهدن کي ان پروگرام ۾ شامل ڪرڻ جو طريقيڪار طئي ڪندو. ان پروگرام جي اها بنيادي گهرج آهي پر رهنما اصول، قاعدا ۽ ضابطن جي نہ هئڻ سبب قانون تي عمل درآمد لاءِ ان بنيادي نڪتي تي اڄا تائين ڪم ناهي ٿي سگهيو.

**تحفظ فراهم ڪيل شاهد کي پروگرام مان عليحده ڪرڻ**

قانون جي شق (1)(b) 18 موجب سي ڊبليو پي او مٿي ڄاڻايل سببن ڪري شاهد کي پروگرام مان عليحده ڪري سگهجي ٿو. شق 19 موجب جيڪڏهن ڪوبہ شاهد سي ڊبليو پي او جي ڪنهن فيصلي يا عمل سان منفي طور تي متاثر ٿيو آهي تہ اهو حڪومت کي ان فيصلي تي نظرثاني لاءِ درخواست ڪري سگهي ٿو. ڪنهن بہ شاهد کي پروگرام مان عليحده ڪرڻ وارو اهو اختيار اڪيلي سر سي ڊبليو پي او کي نہ هجڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ تحفظ فراهم ڪيل شاهد وصف جي لحاظ سان اڳيئي نازڪ هوندو آهي تنهن ڪري اهو سوديڪاري جي پوزيشن ۾ ناهي هوندو. قانون ۾ شاهد کي پروگرام مان عليحده ڪرڻ واري اختيار خلاف شڪايت يا درخواست جي ازالي واري شق غيرمناسب آهي. خطري هيٺ آيل هڪ اهڙو شاهد جيڪو عدالت سان رابطو يا پنهنجي شناخت ئي ظاهر نٿو ڪري سگهي ۽ ان کي پنهنجي جائيداد يا اثاثن يا ڪٽنب جي فردن کي خطرو بہ آهي تہ اهو سي ڊبليو پي او جي فيصلي يا عمل خلاف سرڪار وٽ درخواست ڪيئن داخل ڪرائيندو يا ان جي پوئيواري ڪيئن ڪري سگهندو. بهتر اهو آهي تہ شاهد کي نوٽيس جاري ڪرڻ ۽ ذاتي ٻڌڻي بعد ئي عليحده ڪرڻ جي فيصلي جو اختيار صلاحڪاري بورڊ کي ڏنو وڃي.

**ڪرپشن**

قانون جي شق 22 تحت تحفظ فراهم ڪيل شاهد بابت ڄاڻ کي پڌرو ڪرڻ هڪ ڏوهہ قرار ڏنل آهي. جڏهن تہ شق (2)(c) 22 سي ڊبليو پي او کي اها اجازت ڏيئي ٿو تہ هو ڪنهن بہ جاچ هيٺ يا ڪنهن بہ سنجيده نوعيت جي ڏوهہ واري الزم هيٺ آيل شاهد بابت ڄاڻ کي پڌرو ڪري. اهو هڪ ٻيرو ٻيهر بيان ڪجي ٿو تہ قانون ۾ تحفظ فراهم ڪيل شاهد وٽ سندس نئين شناخت يا جاءِ کي سي ڊبليو پي او پاران پڌرو ڪرڻ واري فيصلي خلاف ڪوبہ اثرائتو اپاءُ دستياب ناهي. اهو ممڪن آهي تہ شريڪ ملزم يا سندن ساٿاري تحفظ فراهم ڪيل شاهد خلاف ڪا ڪوڙي سچي ايف آءِ آر داخل ڪرائين جنهن جي نتيجي ۾ شاهد کي شناخت ۽ جاءِ وغيره پڌري ٿي پوي. شاهد بابت اهڙي قسم جي ڄاڻ کي پڌرو ڪرڻ جي فيصلي جو اختيار بہ شاهدن جي تحفظ واري پروگرام جي صلاحڪاري بورڊ کي ڏنو وڃي.

1. Mr. Javed Ali Mahar, Assistant Inspector General Police (Finance) letter No. B-II/1059; Dated: October 01, 2014
2. Home Department Sindh letter No.SO (Bud) HD-2 (96)/2015-16; Dated: October 29, 2015

# شاهدن جي تحفظ وارو ايڪٽ 2013

قانون جي شق (4)22 تحت تحفظ فراهم ڪيل شاهد بابت ڪنهن بہ قسم جي ڄاڻ ڪي غيرقانوني طريقي سان پڌرو ڪرڻ جو ڏوهہ ثابت ٿيڻ جي صورت ۾ 20 سال تائين جيل جي سزا مقرر ڪيل آهي.

**شاهدن جي تحفظ جي حوالي سان ٻين ملڪن ۾ ٿيل قانونسازي**

پاڙيسري ملڪ هندستان ۾ شاهدن جي تحفظ جي حوالي سان ڪوبہ قانون موجود نہ آهي. شاهدن جي تحفظ جي حوالي سان ٿيندڙ ڪوششون ٽڪرن ۾ ورهايل آهن پر هڪ قانون هيٺ ناهن. مثال طور، Terrorist Prevention of ۽ Disruptive Activities (Prevention) Act 1987 Terrorism Act 2002 تحت عدالتن کي اهو اختيار حاصل آهي تہ اهي شاهد جي پَتي ۽ شناخت کي تحفظ فراهم ڪرڻ لاءِ عدالتي ڪارروائي کي بندڪمري ۾ ڪري سگهن ٿيون.

آمريڪا ۾ وفاقي سطح تي موجود شاهدن جي تحفظ وارو پروگرام 1970 کان the Organized Crime Control Act 1970 ذريعي لاڳو آهي. انهي پروگرام تي يو ايس مارشل سروس تحت عمل ڪيو ويندو آهي. 1971 کان 2013 تائين يو ايس مارشل سروس 8500 کان مٿي شاهدن ۽ 9900 کان مٿي گهرڀاتين کي انهي پروگرام تحت سهولت ڏني ويئي آهي. يو ايس مارشل سروس جو سال 2015 لاءِ پگهارن ۽ خرچن سميت مختص بجيٽ هڪ ارب 19 ڪروڙ ڊالر آهي. برطانيہ پاران شاهدن کي تحفظ ڏيڻ وارو پروگرام[3] 2012 ۾ شروع ڪيو ويو هو. ان پروگرام جي ساليانی بجيٽ 2 ڪروڙ پائونڊ آهي.

دلچسپ ڳالهہ اها آهي تہ برطانيہ ۽ آمريڪا جي شاهدن جي تحفظ واري پروگرام جا بنيادي نڪتا جهڙوڪ شاهدن کي نئين شناخت ڏيڻ، انهن کي محفوظ هنڌن تي منتقل ڪرڻ ۽ ويڊيو ڪانفرنس وغيره، سنڌ پاران متعارف ڪرايل شاهدن جي تحفظ واري پروگرام ۾ شامل آهن. بنيادي فرق رڳو اهو آهي تہ سنڌ واري پروگرام لاءِ ڪابہ بجيٽ مختص ناهي ڪئي ويئي ۽ ان تي عمل درآمد شروع ناهي ٿي سگهيو.

**قانونسازن لاءِ سفارشون**

1. سنڌ اسيمبلي شاهدن جي تحفظ واري قانون ۾ گهربل ترميم ڪري انهي پروگرام تي اثرائتي نموني عمل درآمد لاءِ هڪ نگران ڪميٽي جوڙي. ان سان پوليس پاران ان پروگرام کي هلائڻ جي نتيجي ۾ خدشن ۽ خطرن کي ٻنجو ڏيئي سگهجي ٿو.
2. شاهدن جي تحفظ واري پروگرام تي جوڳي عمل درآمد لاءِ سنڌ سرڪار حقيقت تي ٻڌل ۽ مناسب بجيٽ مختص ڪري تہ جيئن شاهدن کي نئين شناخت ڏيڻ ۽ انهن کي محفوظ جاءِ تي منتقل ڪرڻ لاءِ رقمن جي فراهمي کي يقيني بنائي سگهجي.
3. وڏيڪ اثرائتا اپاءُ ڪٽنڌي خطري هيٺ آيل شاهدن جي بيان کي لاڳاپيل عدالت ۾ ويڊيو ڪانفرنس ذريعي محفوظ هنڌان ريڪارڊ ڪرڻ جو ترجيحي بنيادن تي بندوبست ٿيڻ گهرجي. اهو هڪ عملي اپاءُ آهي جنهن تي تمام ٿوري مدي ۾ عملدرآمد ڪري سگهجي ٿو ۽ ان سان شاهدي ڏيڻ وارو سمورو عمل بناڪنهن ڏڪيائن جي شاهدن لاءِ تحفظ جي احساس کي يقني بنائي سگهجي ٿو.
4. ڪيس جي عدالتي ڪاروائي وارو سمورو عمل بنادير مڪمل ٿيڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ ڪيس جي مدي ۾ جيتري دير ٿيندي، شاهد کي اوترو ئي وڌيڪ خطرو رهندو. آئين جي پاليسي اصولن واري شق 37 ڊي ۾ پاڪستان جي شهرين کي سستي ۽ تڪڙي انصاف کي حق قرار ڏنو ويو آهي. اهو حق ملڪ جي سيني شهرن جو آهي پر خاص طور تي حساس ۽ خطرناڪ نوعيت جي ڪيسن سان لاڳاپيل شاهدن، ججن، پراسيڪيوٽرز ۽ پوليس کي بہ مليل آهي. تحفظ فراهم ڪيل عدالتي ڪيس نہ رڳو خطرناڪ پر پريشان ڪندڙ بہ هوندا آهن. اهڙن ڪيسن جي ڪارروائي بندڪمري روزانو بنيادن تي ٿيڻ گهرجي ۽ ان لاءِ مدو بہ مقرر ڪيو وڃي.
5. شاهدن کي پروگرام مان عليحده ڪرڻ ۽ ڪنهن بہ شاهد لاءِ اهو پروگرام ختم ڪرڻ وارو اختيار سي ڊبليو پي او کي ڏيڻ بدران شاهدن جي تحفظ واري قانون 2013 ۾ ترميم ڪري صلاحڪاري بورڊ کي ڏنو وڃي ۽ اهڙو فيصلو شاهد کي باقاعدي نوٽيس ڏيڻ ۽ ان کي ذاتي طورتي ٻڌڻ بنا نہ ڪيو وڃي.
6. شاهدن جي شناخت ۽ منتقل ٿيل جاءِ کي پڌرو ڪرڻ جو اختيار بہ سي ڊبليو پي او کي ڏيڻ بدران شاهدن جي تحفظ واري قانون 2013 ۾ ترميم ڪري صلاحڪاري بورڊ کي ڏنو وڃي ۽ ان ڏس ۾ ڪيل ڪوبہ فيصلو شاهد کي باقاعدي نوٽيس ڏيڻ ۽ ان کي ذاتي طورتي ٻڌڻ بنا نہ ڪيو وڃي.
7. شاهدن جي تحفظ واري پروگرام لاءِ بجيٽ مختص ڪرڻ لاءِ قانون ۾ گهربل ترميم ڪئي وڃي. انهي جي بجيٽ کي گهروڪاتي لاءِ مختص ڪيل بجيٽ کان ڌار ڪري رکيو وڃي.

3. i. U.S. Marshals Service Website.
ii. National Crime Agency Website